# هٿوهٿ ڦڦي سان صلح ڪري ڇڏي




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# هٿوهٺ ڦڦي سان صلح ڪري ڇڏي

## ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**
**فون نمبر:** 021-34921389-90-91
*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# هتوهت ڦڦي سان صلح ڪري ڇڏي

شيطان ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهي وٺو. اِنْ شَاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان کي بهترين معلومات حاصل ٿيندي.

## دُرُود شريف جي فضيلت

(صلّي اللهُ عَلٰي محمَّد جي فضيلت)

حضرت سيدنا ابو المُظَفَّر محمد بن عبدالله خَيّام سمرقندي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان رستو ڀُلجي ويس، اوچتو هڪ شخص نظر آيو ۽ انهن چيو: ”مون سان گڏ اچو“ مان ان سان گڏ هلڻ لڳس، مون کي گمان ٿيو ته هي حضرت سيدنا خِضَر عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام آهن، منهنجي اِستِفسار (يعني پڇڻ) تي انهن پنهنجو نالو خِضَر ٻڌايو، ان سان گڏ هڪ ٻيا بزرگ پڻ هئا، مون انهن جو نالو پڇيو ته فرمايائون: هي اِلياس (عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) آهن، مون عرض ڪيو: الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحمت فرمائي، ڇا اوهان ٻنهي حضرات سروَرِ ڪائنات، محبوبِ ربُّ الارض وَ السَّمٰوات، احمد مجتبٰي، **محمد مصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي آهي؟ انهن فرمايو: ها، مون عرض ڪيو: سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻُڌل ارشاد پاڪ ٻڌايو ته جيئن مان اوهان کان روايت ڪري سگهان. انهن فرمايو ته اسان رسولِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو: جيڪو شخص مون تي درود پاڪ پڙهي ته ان جو دل نِفاق کان ائين پاڪ ڪيو ويندو آهي جيئن پاڻي سان ڪپڙو پاڪ ڪيو ويندو آهي، ۽ جيڪو شخص ”صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد“ پڙهندو

آهي اهو پنهنجي لاءِ رحمت جا 70 دروازا کولي ڇڏيندو آهي.

(القول البديع ص 277، جذب القلوب ص 235)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هتوهت ققي سان صلح ڪري ڇڏي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه ڳالهه ڳالهه تي ماڻهو مائٽي ختم ڪري ڇڏيندا آهن، تنهنڪري پاڻ ۾ محبت جي فضا قائم ٿيڻ جي خواهش جي سٺي نيت سان وڏيڪ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ رشتيدارن سان حُسنِ سلوڪ جي باري ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪندي مدني گل پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ ڀيري سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حديثون بيان ڪري رهيا هئا، انهيءَ دوران فرمايائون: هر قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) اسان جي محفل مان هليو وڃي، هڪ نوجوان اُٿي ڪري پنهنجي ققيءَ وٽ ويو جنهن سان ان جو ڪئي سالن جو پراڻو جهڳڙو هو، جڏهن ٻئي هڪ ٻئي سان راضي ٿي ويا ته ان نوجوان کي ققيءَ چيو: تون وڃي ان جو سبب پڇا ڪر آخر ائين ڇو ٿيو؟ (يعني سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي اعلان جي حڪمت ڇا هئي؟) نوجوان حاضر ٿي جڏهن پڇا ڪئي ته حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون ته مون حضور انور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هي ٻڌو آهي: جنهن قوم ۾ قاطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) هجي ان (قوم) تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو نزول ناهي ٿيندو. (اَلزّواجِرُ عن اقتراف الکبائر ج 2 ص 153)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# سس ۽ ننهن ۾ صلح جو راز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! پهريان جا مسلمان ڪيتري قدر خدا جو خوف رکڻ وارا هوندا هئا! خوش نصيب نوجوان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڊپ سبب هڪدم پنهنجي ڦقيءَ وٽ پاڻ حاضر ٿي صلح جي ترڪيب بڻائي، سيني کي گهرجي ته غور ڪري ته خاندان ۾ ڪنهن ڪنهن سان ناهي جڏهن خبر پئجي وڃي ته هاڻي جيڪڏهن شرعي عذر نه هجي ته هڪدم ناراض رشتيدارن سان”صلح ۽ صفائي“ جي ترڪيب شروع ڪري ڏيو، جيڪڏهن جهڪڻو به پوي ته بيشڪ رضاءِ الٰهي جي لاءِ جهڪي وڃو، اِن شاءَالله عَزَّوَجَلَّ سربلندي حاصل ٿيندي، **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللهُ يعني جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عاجزي ڪندو آهي الله تعاليٰ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 276 حديث 8140) پنهنجي گهرن ۽ معاشري کي امن امان وارو بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر ڪريو، ۽ مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو، اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪيان ٿو: باب المدينه (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته وڏي عرصي کان منهنجي گهرواريءَ ۽ امڙ يعني سَسُ ۽ نُنهن جو پاڻ ۾ جهيڙو رهندو هو. آخرڪار نتيجو اهو نڪتو جو منهنجي گهرواري رُسي وڃي پنهنجي مائٽن ۾ هلي وئي، مان ڏاڍو پريشان هئس، سمجهه ۾ نه پيو اچي ته انهيءَ مسئلي کي ڪيئن حل ڪيان؟ انهيءَ دوران مڪتبة المدينه جي جاري ڪيل”مدني مذاڪري“ جي VCD ”گھر امن کا گہوارہ

ڪیسے بنے!“ منهنجي هٿ اچي ويئي. موضوع ڏنو تہ وڏي اميد سان اها وي سي ڊي مون پاڻ بہ ڏٺي ۽ پنهنجي امڙ سائڻ کي بہ ڏيکاري ۽ هڪ وي سي ڊي پنهنجي سهريجن ڏانهن بہ موڪلي. منهنجي امڙ کي اها VCD ايڏي تہ پسند آئي جو انهن اها VCD بيو پيرو بہ ڏٺي ۽ حيرت انگيز طور تي مونکي چوڻ لڳي ”هل پٽ! اڄ تنهنجي سهريجن ڏانهن هلون ٿا.“ مون سکون جو ساهہ کنيو تہ لڳي ٿو جيڪو ڪم مان گهڻي انفرادي ڪوشش جي باوجود نہ ڪري سگهيس اهو ان VCD ڪري ڇڏيو. منهنجي سهريجن وٽ پهچي ڪري امڙ وڏي محبت سان منهنجي گهرواريءَ کي پرچايو ۽ ان کي واپس گهر وٺي آئي. ٻئي پاسي منهنجي گهرواريءَ بہ محبت ۽ خوشيءَ منجهان ڳالهہ مڃي ۽ گهر پهچڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن پنهنجي سَسُ (يعني منهنجي امڙ) کي چوڻ لڳي: امان! منهنجو ڪمرو ڪشادو آهي جڏهن تہ ٻيا گهروارا جنهن ڪمري ۾ رهن ٿا اهو هن ڪمري کان ڪجهہ ننڍو آهي، توهان منهنجي ڪمري ۾ رهو ۽ آءُ ان ننڍي ڪمري ۾ رهان ٿي. اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ اسان جو گهر جيڪو فتني ۽ فساد جو شڪار هو، اهو دعوت اسلامي جي بَرَڪت سان امن امان وارو ٿي ويو. (مدني مذاڪري جي ذڪر ٿيل VCD ”گھر امن کا گہوارہ کیسے بنے“ مڪتبۃالمدينہ تان هديةً وٺي سگهو ٿا، دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ **www.dawateislami.net** تي ڏسي ۽ ٻڌي سگهجي ٿي)

## صلہ رحمي جي تعريف

صلہ جي معنيٰ آهي: ”اِيصَالُ نَوعٍ مِّنْ اَنْوَاعِ الْاِحْسَانِ“ يعني ڪنهن بہ قسم جي ڀلائي ڪرڻ ۽ احسان ڪرڻ. (الزواجر ج 2 ص 156) ۽ رحم سان مراد قرابت، رشتيداري آهي. (لسان العرب ج 1 ص 1479) ”بهار شريعت“ ۾ آهي:

صلہ رحمي جي معني: رشتي کي ڳنڍڻ آهي يعني مائٽن سان نيڪي ۽ سلوڪ (يعني ڀلائي) ڪرڻ. (بهارشريعت ج 13 ص 558)

رضاءِ الهي جي لاءِ رشتيدارن سان صلہ رحمي واجب ۽ انهن جي بدسلوڪي تي انهن سان درگذر ڪرڻ ۾ هڪ عظيم اخلاقي خوبي آهي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وٽ ان جو وڏو ثواب آهي.

## رشتيدارن جا مالي ۽ اخلاقي حق ادا ڪريو

سيپاري 15 سورة بني اسرائيل جي آيت نمبر 26 ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ **ترجموڪنزالايمان**: ۽ مائٽن کي سندن حق ڏي.

صدرُالافاضل حضرت علّامہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی "خزائن العرفان" ۾ هن آيت سڳوري جي تحت فرمائن ٿا: انهن سان صلہ رحمي ڪريو ۽ محبت ۽ ميل ميلاپ، سار سنڀار ۽ موقعي تي مدد ۽ حسن معاشرت. مسئلو: ۽ جيڪڏهن اهي محارم (يعني اهڙا قريبي رشتيدار جن مان ڪنهن کي بہ مرد ۽ ٻئي کي عورت فرض ڪيو وڃي تہ نڪاح هميشہ جي لاءِ حرام هجي جيئن پيءُ، ماءُ، پٽ، ڌيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، چاچو، ڦڦي، مامون، ماسي، ڀاٽيجو، ڀاٽيجي وغيره) مان هجن ۽ محتاج ٿي وڃن تہ انهن جو خرچ ڪڻڻ بہ انهن جو حق آهي ۽ صاحب استطاعت رشتيدار تي لازم آهي. (خزائن العرفان ص 530)

## صلہ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا

حضرت سيدنا فقيہ ابو الليث سمر قندي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: صلہ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا آهن: ۞ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل

تيندي آهي ۞ ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي ۞ ملائڪن کي خوشي تيندي آهي ۞ مسلمانن طرفان ان شخص جي واکاڻ تيندي آهي ۞ شيطان کي انهي کان رنج تيندو آهي ۞ عمر وڌندي آهي ۞ رزق ۾ برڪت تيندي آهي ۞ وفات ٿيل آباء و اجداد (يعني مسلمان ماءُ پيءُ) خوش تيندا آهن ۞ پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي ۞ وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو تي ويندو آهي ڇوته ماڻهو ان جي حق ۾ دعاءِ خير ڪندا آهن. (تنبيه الغافلين ص 73)

## توڙيندا نه آهيون جوڙيندا آهيون

سيپارو 13 سورة الرعد آيت نمبر 21 ۾ الله جو فرمان آهي:

وَالَّذِيۡنَ يَصِلُوۡنَ مَآ اَمَرَاللّٰهُ بِهٖٓ اَنۡ يُّوۡصَلَ

**ترجموڪنزالايمان**: ۽ اهي ڳنڍيندا آهن ان کي جنهن جي ڳنڍڻ جو الله حڪم ڏنو.

صدرُالافاضل حضرت علّامہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِي "خزائن العرفان" ۾ انهيءَ آيت جي تحت لکن ٿا: يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي سيني ڪتابن ۽ ان جي سيني رسولن تي ايمان آڻن ٿا ۽ بعض کي مڃي بعض جو انڪار ڪري انهن ۾ فرق نٿا ڪن يا اها معنيٰ آهي ته: قرابت جي حقن جي رعايت ڪندا آهن ۽ مائٽي نٿا توڙين، انهيءَ ۾ رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون قرابتون ۽ ايماني قرابتون به شامل آهن، سيد سڳورن جو احترام ۽ مسلمانن سان مُوَدَّت (يعني محبت) و احسان ۽ انهن جي مدد ۽ انهن جي طرفان دفاع ڪرڻ ۽ انهن سان شفقت ۽ سلام دعا ۽ مسلمان مريضن جي عيادت ۽ پنهنجي دوستن، خادمن، پاڙيوارن ۽ سفر جي ساٿين جي حقن

جي رعايت بہ انهيءَ ۾ داخل آهي. (خزائن العرفان ص 482)

## بهترين شخص جون خوبيون

صاحبِ قرآنِ مبين، محبوب ربُّ العلمين، جناب صادق و امين صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري منبر شريف تي جلوه فرما هئا تہ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! ماڻهن مان سڀ کان سٺو ڪير آهي؟ فرمايائون: ماڻهن ۾ سڀ کان سٺو اهو شخص آهي جيڪو ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري، وڌيڪ متقي هجي، سڀني کان وڌيڪ نيڪي جو حڪم ڏيڻ وارو ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارو هجي ۽ سڀ کان وڌيڪ صلہ رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ) وارو هجي. (مُسند امام احمد ج 10 ص 402 حديث 27504)

## تلاوت، پرهيزگاري، نيڪي جي دعوت ۽ صلہ رحمي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وڌيڪ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان بيان ڪيل حديث شريف جي روشني ۾ ڪجھ "نيڪي جي دعوت" پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. هن روايت ۾ سڀني کان سٺي شخص جون چار خوبيون بيان ڪيون ويون آهن: (1) ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ (2) خوب پرهيزگاري (3) سڀني کان وڌيڪ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ ۽ (4) رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ. واقعي اهي چار ئي عمده صفتون آهن الله عَزَّوَجَلَّ نصيب ڪري اٰمين. انهن چئني جا فضائل ملاحظ فرمايو: ﴿1﴾ حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ نبي مڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: قيامت

جي ڏينهن قرآن پڙهڻ وارو ايندو تہ قرآن عرض ڪندو: يا ربّعَزَّوَجَلَّ! هن کي حُلّہ (يعني جنتي لباس) پاراءِ، تہ هن کي ڪرامت جو حُلّو (يعني بزرگي وارو جنتي لباس) پارايو ويندو، وري قرآن عرض ڪندو: يا ربّ عَزَّوَجَلَّ ان ۾ اضافو فرماءِ، تہ ان کي ڪرامت جو تاج پارايو ويندو، وري قرآن عرض ڪندو: يا رب عَزَّوَجَلَّ ان سان راضي ٿي وڃ، تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ ان سان راضي ٿي ويندو، وري قرآن پڙهڻ واري کي چيو ويندو: قرآن پڙهندو وڃ ۽ جنت جا درجا طئي ڪندو وڃ ۽ هر آيت تي ان کي هڪ نعمت ڏني ويندي. (ترمذي ج 4 ص 419 حديث 2924) ﴿2﴾ پرهيزگارن کي آخرت ۾ ڪاميابي جي نويد (يعني خوشخبري) ٻڌائي وئي آهي جيئن سيپاري 25 سورة الزُّخرف آيت نمبر 35 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: وَالْاٰخِرَةُ عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِيْنَ۠﴿۳۵﴾ (ترجموڪنزالايمان: ۽ آخرت تنهنجي رب وٽ پرهيزگارن جي لاءِ آهي) (پ 25 الزخرف 35) ﴿3﴾ حضرت سيدنا ڪَعبُ الاحبار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو ارشاد آهي: جنّت الفِردوس خاص ان شخص جي لاءِ آهي جيڪو اَمۡرٌ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَنَهۡیٌ عَنِ الۡمُنۡکَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏي ۽ برائي کان منع ڪري) (تنبيهُ المغترين ص 236) ﴿4﴾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن کي اهو پسند هجي تہ ان جي عمر ۾ اضافو ڪيو وڃي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي والدين سان سٺو ورتاءُ ڪري ۽ پنهنجي رشتيدارن سان صلهءِ رحمي ڪري. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 217 حديث 16)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عمر ۽ رزق ۾ اضافي مان مراد

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل

1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب”بهار شريعت“ جلد 3 صفحي 560 تي صدرُالشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا ته حديث ۾ آيو آهي: صله رحمي سان عمر ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ رزق ۾ وسعت (يعني زيادتي) ٿيندي آهي. ڪجھ عالمن هن حديث کي ظاهر تي محمول ڪيو آهي (يعني حديث جي ظاهري معنيٰ ئي مراد آهي) يعني هتي قضا مُعَلَّق مراد آهي ڇو ته قضا مُبرم ناهي ٽرندي.[1]

اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿۴۹﴾
(پ 11 يونس 49)

ترجمو ڪنزالايمان: جڏهن انهن جو واعدو ايندو ته هڪڙي گھڙي نه پٺتي رهي سگهن نه اڳتي وڌن.

۽ ڪجھ (عالمن سڳورن) فرمايو آهي ته زيادتي عمر جو هي مطلب آهي جو مرڻ کان پوءِ به ان جو ثواب لکيو ويندو آهي جڻ هو هاڻي به زنده آهي يا اها مراد آهي جو مرڻ کان پوءِ به ان جو ذڪر خير ماڻهن ۾ باقي رهندو آهي. (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678) ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (1) جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي ته صله رحمي ڪري. (بخاري ج 4 ص 136 حديث 6138) (2) قيامت جي ڏينهن الله جي عرش جي ڇانو ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو هوندا (انهن مان هڪ آهي) صله رحمي ڪرڻ وارو. (الفردوس بماثور الخطاب ج 2 ص 99 حديث 2526)

[1] قضا کان مراد هتي قسمت آهي قضا جا قِسمَ ۽ ان جي باري ۾ تفصيل ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد پهريون صفحي 14 کان 17 جو مطالعو فرمايو، خاص ڪري مجلس المدينة العلميه جي طرفان ڏنل حاشيو بي مثال آهي ۽ ڪئي وسوسن جو علاج آهي.

## اُمُّ المُومنين حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جو صلہ رحمي

اُم المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا فرمائن ٿيون: مون حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا کان وڌيڪ دين دار، وڌيڪ پرهيزگار، وڌيڪ سچي، وڌيڪ صلہ رحمي ۽ وڌيڪ صدقو ڪرڻ واري ڪا عورت نہ ڏٺي آهي. (مسلم ص 1325 حديث 2442)

## 10 هزار درهم رشتيدارن ۾ ورهائي ڇڏيا

اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ امُّ المؤمنين حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جي بارگاھ ۾ 10 هزار درهم موڪليا تہ انهن اها رقم پنهنجي رشتيدارن ڪي ورهائي ڇڏي.

(اسد الغابہ ج 7 ص 140 ملخصًا)

## رشتيدارن سان تعلق ٽوڙڻ کان بچو

قرآن پاڪ ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي سوال ڪندا آهيو ۽ رشتن جو لحاظ رکو.

انهيءَ آيت سڳوري جي تحت "تفسير مظهري" ۾ آهي: يعني توهان قطع رحمي (يعني رشتيدارن کان تعلق ٽوڙڻ کان) بچو.

(تفسير مظهري ج 2 ص 3)

## ڄاڻي واڻي قطع رحمي کي جائز سمجهڻ ڪفر آهي

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: رشتو ٽوڙڻ وارو جنت ۾ نہ ويندو. (بخاري ج 4 ص 97 حديث 5984) حضرت علامہ علي قاري عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ البَارِی انهيءَ حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: ان مان مراد اها آهي تہ جيڪو شخص بنا ڪنهن سبب ۽ بنا ڪنهن شڪ ۽ قطع رحمي جي حرام هئڻ

جي خبر هئڻ باوجود ان کي حلال ۽ جائز سمجهي اهو ڪافر آهي، هميشه جهنم ۾ رهندو ۽ جنت ۾ نه ويندو، يا اها مراد آهي پهريان وڃڻ وارن سان گڏ جنت ۾ نه ويندو يا اها مراد آهي ته عذاب کان نجات حاصل ڪرڻ وارن سان گڏ به نه ويندو (يعني پهريائين سزا ڪائي پوءِ ويندو) (مرقاة ج 7 تحت الحديث 4922)

”تفهيم البخاري“ ۾ آهي: هن ۾ اختلاف ناهي ته صِلي رحمي واجب آهي ۽ ان کي قطع ڪرڻ ڪبيرو گناهه آهي. صله رحمي جا ڪجهه درجا آهن، گهٽ کان گهٽ درجو اهو آهي ته ناراضگي ختم ڪري ۽ سلام و ڪلام سان صلو (يعني بهتر سلوڪ) ڪري، قدرت ۽ حاجت ۾ اختلاف سبب صله (يعني سلوڪ) جون مختلف حالتون آهن بعض ڪجهه حالتن ۾ صِلي رحمي واجب آهي ۽ بعض ۾ مستحب آهي جيڪڏهن ڪجهه حالتن ۾ صِلو ڪيو ۽ پوري طرح نه ڪيو ته ان کي قطع رحمي ناهي چئبو. (تفهيم البخاري ج 9 ص 221)

هڪ معلوماتي فتوٰي ملاحظ فرمايو، فتاوٰي رضويه جلد 13 ص 647 کان 648 تي آهي:

## حقيقي ڀاءُ کي اهو چوڻ: ”توهان منهنجا ڀاءُ نه آهيو“ ڪيئن

سوال: جيڪڏهن زيد حقيقي ڀاء بڪر کي ڪنهن سازش سان هڪ مجلس ۾ وڏي آواز سان ڪلمو شريف پڙهي چوي: ”توهان منهنجا ڀاءُ نه آهيو“ اهڙي صورت ۾ زيد تي شرع جي مطابق ڪجهه ڪفاره لازم آهي؟ جيڪڏهن آهي ته ڪيتري قدر؟

جواب: جيڪڏهن ان جي ڀاء ان سان ڪو معاملو ڀائيچاري جي خلاف ڪيو، جيڪو ڀاءُ ڀاءُ سان ناهي ڪندو ته ان تي اهو چوڻ سبب ڪو

الزام ناهي تہ انهي نفي (يعني انڪار) سان نفي حقيقت (يعني حقيقت ۾ انڪار) مراد ناهي بلڪ نفي ثمره (يعني ياء هئڻ جي ناتي جهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي اهڙو سلوڪ نہ ڪيو) ۽ ائين ناهي بلڪ بنا شرعي سبب ائين چيائين تہ ٽن ڪبيرا گناهن جو مرتڪب ٿيو: (1) ڪذب صريح (يعني نسورو ڪوڙ) ۽ (2) قطع رحم (يعني رشتو ٽوڙڻ) ۽ (3) ايذاءِ مسلم انهيءَ تي توبہ واجب ۽ ياءُ کان معافي گهرڻ لازم آهي. وَاللهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ

## رشتو ٽوڙڻ وارو موجود هجي تہ رحمت ناهي ايندي

”طبراني“ ۾ حضرت سيدنا اَعمَش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان منقول آهي: حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ ڀيري صبح جي وقت مجلس ۾ تشريف فرما هئا، انهن فرمايو: مان قاطِعِ رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ واري) کي الله جو قسم ڏيان ٿو تہ اهو هتان هليو وڃي تہ جيئن اسين الله تعاليٰ کان مَغفِرت جي دعا ڪريون ڇو تہ قاطعِ رحم (يعني مائٽي ٽوڙڻ واري) تي آسمان جا دروازا بند رهندا آهن. (يعني جيڪڏهن اهو هتي موجود رهندو تہ رحمت نازل نہ ٿيندي ۽ اسان جي دعا قبول نہ ٿيندي)

(المعجم الڪبير ج 9 ص 158 رقم 8793)

## ناراض رشتيدارن سان صلح ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ٿوري ٿوري ڳالهہ تي پنهنجي ڀينرن، ڌيئرن، ڦڦين، ماسين، مامن، چاچن، ڀائيٽن وغيره سان قطع رحمي ڪندا آهن، انهن مائٽهن جي لاءِ بيان ڪيل حديث شريف ۾ عبرت ئي عبرت آهي منهنجي مدني التجا آهي جيڪڏهن اوهان جي ڪنهن رشتيدار سان ناراضگي آهي تہ چاهي رشتيدار جو ئي قصور هجي صلح جي لاءِ اڳرائي ڪريو ۽ پاڻ اڳتي وڌي خوش دلي سان

ملي تعلق بهتر ڪريو.

## قطع رحمي ڪرڻ وارو مغفرت کان محروم

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : سومر ۽ جمعرات جو الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ ماڻهن جا عمل پيش ٿيندا آهن تہ الله پاڻ ۾ عداوت رکڻ ۽ قطع رحمي ڪرڻ وارن کانسواءِ سيني جي مغفرت فرمائي ڇڏي ٿو. (المعجم الكبير للطبراني ج 1 ص 167 حديث 409)

## امانت ۽ صلہ رحمي جي شڪايت تي پڪڙ ٿيندي

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: امانت ۽ صلہ رحمي کي موڪليو ويندو تہ اهي پل صراط جي ساڄي ۽ کابي بيهي رهنديون. (مسلم ص 127 حديث 329) مفسّر شهير حكيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: اها انهن ٻنهي وصفن جي وڏي تعظيم هوندي جو انهن کي پل صراط جي آسپاس بيهاريو ويندو شفاعت ۽ شڪايت جي لاءِ چو تہ انهن جي شفاعت تي نجات، انهن جي شڪايت تي پڪڙ ٿيندي. انهيءَ فرمان عالي کان معلوم ٿيو تہ انسان امانت داري ۽ رشتيدارن جي حقوق جي ادائگي ضرور اختيار ڪري جو انهن ٻنهي ۾ ڪوتاهي ڪرڻ تي سخت پڪڙ آهي پر ان جي شفاعت تي دوزخ کان نجات آهي، انهن جي شڪايت تي اتي ڪرندو آهي. (مراة المناجيح ج 7 ص 424)

## تعلقات ٽوڙڻ جي سزا

حضرت سيدنا فقيہ ابو الليث سمرقندي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي "تنبيہ الغافلين" ۾ نقل ڪن ٿا، حضرت سيدنا يحيٰي بن سليم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا:

مڪي پاڪ زَادَھَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِیۡمًا ۾ هڪ نيڪ شخص خراسان جو رهڻ وارو هو، ماڻهو ان وٽ امانتون رکرائيندا هئا. هڪ شخص ان وٽ ڏهہ هزار اشرفيون امانت طور رکرائي پنهنجي ڪنهن ڪم سان سفر تي هليو ويو. جڏهن اهو واپس موٽيو تہ اهو خراساني فوت ٿي چڪو هو. هو انهن جي وارثن کان پنهنجي امانت جو حال پڇيو، پر انهن لاعلمي ظاهر ڪئي. امانت رکرائڻ واري مڪي پاڪ جي عالمن کان پڇيو تہ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انهن چيو: اسان کي اميد آهي تہ اهو خراساني جنتي هوندو توهان ائين ڪيو تہ اڌ رات يا ٽهائي رات جو زم زم جي کوهہ وٽ وڃي ان جو نالو وٺي ان کان پڇجو، هن ٽي راتيون ائين ئي ڪيو، پر اتان ڪو جواب نہ مليو. ان ٻيهر وڃي عالمن کي ٻڌايو. انهن اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ پڙهي ڪري چيو اسان کي ڊپ آهي تہ اهو شايد جنتين مان ناهي، توهان يمن وڃو اتي بُرهُوت نالي وادي ۾ هڪ کوهہ آهي اتي وڃي اهڙيءَ طرح آواز ڏئي. ان ائين ڪيو تہ پهرين آواز ۾ جواب مليو تہ مون ان کي گهر ۾ فلاڻي جڳهہ تي دفن ڪيو آهي ۽ مون گهرن وارن وٽ بہ امانت ناهي رکي، منهنجي پٽ وٽ وڃو ۽ انهي جڳهہ کي کوٽيو توهان کي ملي ويندي پوءِ ان ائين ڪيو تہ مال ملي ويو، مون ان کان پڇا ڪئي: تون تہ نيڪ هئين تون هت پهچي وئين؟ تہ ان چيو: منهنجا ڪجهہ رشتيدار خراسان ۾ هئا جن سان مون قطع تعلق ڪيو (يعني مائٽي ٽوڙي) انهي حالت ۾ مون کي موت اچي ويو انهيءَ ڪري الله عَزَّوَجَلَّ مون کي اها سزا ڏني ۽ هِن جڳهہ تي پهچايو ويو. (تنبيہ الغافلين ص 72 ملخصا)

## ڪن رشتيدارن سان صلہ واجب آهي

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1196 صفحن تي مشتمل ڪتاب، بهار شريعت جلد 3 ص 558 **کان** 559 تي آهي: جن رشتيدارن سان صلہ (رحم) واجب آهي اهي ڪير آهن؟ بعض عالمن فرمايو: اهي ذو رحم محرم آهن ۽ ڪن فرمايو ان مان مراد ذو رحم آهن چاهي محرم هجن يا نہ هجن ۽ ظاهر اهو ٻيو قول آهي، حديث ۾ مطلقًا (يعني بنا ڪنهن قيد جي) رشتيدارن سان صلہ (يعني سلوڪ) ڪرڻ جو حڪم آهي. قرآن مجيد ۾ مطلقًا (يعني بنا قيد) ذوي القربىٰ (يعني قرابتدار) فرمايو ويو پر اها ڳالهہ ضرور آهي تہ رشتي ۾ جيئن تہ مختلف درجات آهن (اهڙي طرح) صلہ رحم (يعني رشتيدارن سان بهتر ورتاءُ) جي درجن ۾ بہ تفاوت (يعني فرق) هوندو آهي. والدين جو مرتبو سڀ کان وڌيڪ آهي ان کان پوءِ ذو رحم محرم جو (يعني اهي رشتيدار جنهن سان نسبي رشتو هئڻ جي ڪري نڪاح هميشہ جي لاءِ حرام هجي) ان کان پوءِ باقي رشتيدارن جو مرتبي جي لحاظ کان (يعني رشتي ۾ ويجهڙائي جي ترتيب جي مطابق) (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678)

## ذو رحم محرم ۽ ذو رحم مان مراد

مفسّر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان سورة البقرة جي آيت 83

وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّ ذِی الْقُرْبٰی

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو ۽ مائٽن سان

جي تحت تفسير نعيمي ۾ لکن ٿا: ۽ قربىٰ بمعنٰي قرابت يعني

پنهنجي قرابت دارن سان احسان ڪريو، جيئن تہ اهل قرابت جو رشتو ماءُ پيءُ جي ذريعي سان ٿيندو آهي ۽ انهن جو احسان بہ ماءُ پيءُ جي مقابلي ۾ گهٽ آهي انهي ڪري انهن جو حق بہ ماءُ پيءُ کان پوءِ آهي انهي جڳهہ تي بہ ڪجهہ هدايتون آهن: پهرين هدايت ذي القربيٰ اهي ماڻهو آهن جن جو رشتو ماءُ پيءُ جي ذريعي هجي جنهن کي ”ذي رحم“ بہ چوندا آهن اهي ٽن طرح جا آهن: هڪ پيءَ جا قرابت دار جيئن ڏاڏا، ڏاڏي، چاچو ڦڦي وغيره، ٻيا ماءُ جا جيئن نانو، ناني، مامو، ماسي، اخيافي (يعني جنهن جو پيءُ الڳ الڳ هجي ۽ ماءُ هڪ هجي اهڙا ڀاءُ ۽ ڀيڻ جو ڀاءُ وغيره، ٽيو ٻنهي جا قرابت دار جيئن حقيقي ڀاءُ ڀيڻ، انهن مان جنهن جو رشتو قوي هوندو ان جو حق وڏيڪ. ٻي هدايت: اهل قرابت ٻن قسمن جا آهن هڪ اهي جن سان نڪاح حرام هوندو آهي انهن کي ذي رحم محرم (يعني اهڙا قريبي رشتيدار جن مان ڪنهن کي بہ مرد ۽ ٻئي کي عورت فرض ڪيو وڃي تہ نڪاح هميشہ جي لاءِ حرام هجي جيئن پيءُ، ماءُ، پٽ، ڌيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، چاچا، ڦڦي، مامون، ماسي، ڀاڻيجو، ڀاٽيجي وغيره) چيو ويندو آهي جيئن چاچو، ڦڦي مامو، ماسي وغيره ضرورت جي وقت انهن جي خدمت ڪرڻ فرض آهي نہ ڪرڻ وارو گهنگار ٿيندو. ٻيا اهي جنهن سان نڪاح حلال جيئن ماسي، مامي، چاچي جي اولاد انهن سان احسان و سلوڪ ڪرڻ سنت مؤڪده آهي ۽ وڏيڪ ثواب پر هر قرابت دار بلڪ سيني مسلمانن سان بهتر اخلاق سان پيش اچڻ ضروري ۽ انهن کي ايذاء پهچائڻ حرام. (تفسير عزيزي) ٽي هدايت: سهريجن طرفان پري جا رشتيدار ذي رحم نہ آهن، ها انهن مان ڪي محرم آهن جيئن سس ۽ کير پيارڻ واري امان، ڪي محرم بہ نہ آهن انهن جا بہ حق آهن ايستائين جو

پاڙي جا ۽ حق آھن پر اھي ماڻھو گذريل آيت ۾ داخل نہ آھن ڇو تہ ھتي رحمي ۽ رشتي وارا مراد آھن. (تفسير نعيمي ج 1 ص 447)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”حُسنِ سلوڪ“ جي 7 اکرن جي نسبت سان صلہ رحمي جا 7 مدني گل

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب”بھار شريعت“ جلد 3 صفحي 559 کان 560 تي حُسنِ سلوڪ جي 7 اکرن جي نسبت سان ست مدني گل قبول فرمايو:

### ﴿1﴾ ڪنھن رشتيدار سان ڪھڙو سلوڪ ڪجي

حديثن ۾ مطلقاً (يعني بنا ڪنھن قيد جي) رشتيدارن سان صلي (يعني سلوڪ) جو حڪم آيو آھي، قرآن شريف ۾ مطلقاً (يعني بنا ڪنھن قيد جي) ذوِي القُربيٰ (يعني قرابت وارو) فرمايو ويو پر اھا ڳالھ ضرور آھي تہ رشتي ۾ جيئن تہ مختلف درجات آھن (ائين) صلي رحم (يعني رشتيدارن سان سھٽي سلوڪ) جي درجن ۾ بہ فرق ھوندو آھي، والدين جو مرتبو سڀ کان وڌيڪ آھي، ان کان پوءِ ذو رِحم مَحرم جو، (يعني اھو رشتيدار جنھن سان نسبي رشتو ھجڻ جي ڪري نڪاح ھميشہ حرام ھجي) ان کانپوءِ باقي رشتيدارن جو عَلٰي قَدرِ مَرَاتب (يعني رشتي ۾ ويجھي ھجڻ جي ترتيب مطابق) (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678)

### ﴿2﴾ رشتيدارن سان سلوڪ جون صورتون

صلي رِحم (يعني رشتيدار سان سلوڪ) جون مختلف صورتون

آهن، انهن کي هديو ۽ تحفو ڏيڻ ۽ جيڪڏهن ان کي ڪنهن ڳالهه ۾ توهان جي اِعانت (يعني مدد) درڪار هجي ته ان ڪم ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات جي لاءِ وڃڻ، انهن وٽ اُٿڻ ويهڻ، انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، انهن سان لطف ۽ مهرباني سان پيش اچڻ. (دُرَر، ج 1 ص 323)

## ﴿3﴾ پرديس ۾ هجي ته خط موڪلي

جيڪڏهن هي شخص پرديس ۾ هجي ته رشتيدارن وٽ خط موڪلي، انهن سان خط ۽ ڪتابت جاري رکي ته جيئن بي تعلقي پيدا نه ٿئي ۽ ٿي سگهي ته وطن اچي ۽ رشتيدارن سان ملي ڪري تعلق تازو ڪري، ائين ڪرڻ سان محبت ۾ اضافو ٿيندو. (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678) (فون يا انٽرنيٽ جي ذريعي به رابطي جي ترڪيب مفيد آهي)

## ﴿4﴾ پرديس ۾ هجي ته ماءُ پيءُ گهرائين ته اچڻو پوندو

هي پرديس ۾ آهي والدين ان کي گهرائين ته اچڻو ئي پوندو، خط لکڻ ڪافي ناهي، ائين والدين کي ان جي خدمت جي حاجت هجي ته اچي ۽ انهن جي خدمت ڪري، پيءُ کان پوءِ ڏاڏي ۽ وڏي ڀاءُ جو مرتبو آهي، وڏو ڀاءُ پيءُ جي مرتبي تي هوندو آهي، وڏي ڀيڻ ۽ ماسي ماءُ جي جڳهه تي آهن، ڪجهه عالمن چاچي کي پيءُ جي مثل ٻڌايو آهي ۽ حديث عَمُّ الرَّجُلِ صِنْوُ اَبِيْهِ (يعني انسان جو چاچو پيءُ جي مثل آهي) مان به هي نتيجو نڪرندو آهي. ان کان علاوه ٻين جي لاءِ به خط موڪلڻ يا هديو (يعني تحفو) موڪلڻ ڪفايت ڪري ٿو. (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678)

## ﴿5﴾ ڪنهن ڪنهن رشتيدار سان ڪڏهن ڪڏهن ملي

رشتيدارن سان وقفي سان ملندو رهي يعني هڪ ڏينهن ملڻ وجي ٻئي ڏينهن نه وجي وعَلٰی هٰذا القِیاس (يعني انهي تي اندازو لڳائي) ڇوته ان سان محبت ۾ اُلفت وڌندي آهي، بلڪ رشتيدارن سان جمعي جمعي تي ملندو رهي يا مهيني ۾ هڪ ڀيرو ۽ تمام قبيلي ۽ خاندان کي هڪ (يعني متحد) هئڻ گهرجي، جڏهن حق انهن سان گڏ هجي (يعني اهي حق تي هجن) ته ٻين جي مقابلي ۾ اظهار حق ۾ سيئي متحد ٿي ڪم ڪن.
(دُرَر، ج 1 ص 323)

## ﴿6﴾ رشتيدار حاجت پيش ڪن ته رد ڪرڻ گناهه آهي

جڏهن پنهنجو ڪو رشتيدار ڪا حاجت پيش ڪري ته ان جي حاجت پوري ڪري، ان کي رد ڪرڻ قطعِ رحم (يعني مائٽي ٽوڙڻ) آهي. (ايضاً) (ياد رهي! صلهٔ رحمي واجب آهي ۽ قطع رحم حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي)

## ﴿7﴾ صلهٔ رحم هي آهي ته اهو ٽوڙي توهان جوڙيو

صلي رحمي (يعني رشتيدارن سان سنو سلوڪ) ان جو نالو ناهي جيڪو اهو سلوڪ ڪري ته توهان به ڪيو، ائين ڪرڻ ته حقيقت ۾ مُڪافاة يعني ادلو بدلو ڪرڻ آهي ته ان توهان ڏانهن شيءِ موڪلي توهان به ان وٽ اها موڪليو، اهو توهان وٽ آيو توهان ان وٽ هليا ويا، حقيقت ۾ صلي رحمي (يعني رشتيدارن سان سنو سلوڪ) هي آهي ته اهو ٽوڙي ته توهان ڳنڍيو، اهي توهان کان جدا ٿيڻ چاهين ٿا، بي اعتنائي (يعني لاپرواهي) ڪندا آهن ۽ توهان ان سان مائٽي جي حقن جي رعايت ۽ لحاظ) ڪريو. (رَدُّالْمُحتار ج 9 ص 678)

# حُسن ظن رکڻ جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذکر ڪيل ست ئي مدني گل نهايت توجهه جي قابل آهن، خاص ڪري ستون مدني گل جنهن ۾ (ادلي بدلي) جو ذکر آهي هن جي باري ۾ عرض هي آهي ته اڄڪلهه عموماً اهو ئي ”ادلو بدلو“ تي رهيو آهي، هڪ رشتيدار جيڪڏهن ان ڪي شادي جي دعوت ڏيندو آهي تڏهن هي دعوت ڏيندو آهي جيڪڏهن هو نه ڏي ته هي به ناهي ڏيندو، جيڪڏهن هن هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهن جي دعوت ڏني ۽ هي ان ڪي جيڪڏهن گهٽ ماڻهن جي دعوت ڏي ته ان جو نيڪ ناڪ نوٽيس ورتو ويندو آهي، خوب تنقيدون ۽ غيبتون ڪيون وينديون آهن، انهيءَ طرح جيڪو رشتيدار هن جي ڪنهن دعوت ۾ شرڪت ناهي ڪندو ته هي به ان وٽ تيندڙ دعوت جو بائيڪاٽ ڪندو آهي ۽ ائين فاصلا وڌندا ويندا آهن، جڏهن ته اسان وٽ ڪو شريڪ نه ٿيو ته ان جي باري ۾ سٺو گمان رکڻ جا ڪيترائي طريقا نکري سگهن ٿا، مثلاً اهو نه اچڻ وارو بيمار ٿي ويو هوندو، پلجي ويو هوندو، ضروري ڪم اٽڪي پيو هوندو، يا ڪا سخت مجبوري هوندو جنهن جي وضاحت ان جي لاءِ دشوار هوندي وغيره، اهو پنهنجي غير حاضري جو سبب ٻڌائي يا نه ٻڌائي؟ اسان ڪي حسن ظن رکي ڪري ثواب ڪمائڻ ۽ جنت ۾ وڃڻ جو ذريعو بنائڻ گهرجي، جيئن **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: حُسْنُ الظَّنِّ مِنْ حُسْنِ الْعِبَادَةِ يعني حسن ظن عمده عبادت مان آهي. (ابوداود ج 4 ص 388 حديث 4993) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان هن حديث شريف

جا مختلف مطلب بيان ڪندي لکن ٿا: يعني مسلمانن کان سٺو گمان ڪرڻ، انهن تي بدگماني نہ ڪرڻ اها بہ سٺي عبادتن مان هڪ عبادت آهي. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 621)

## جنت جو محل ان کي ملندو جيڪو...

بالفرض اسان جو رشتيدار سُستي جي سبب يا ڪنهن بہ سبب جاڙي واڙي اسان وٽ نہ آيو يا اسان کي ان دعوت نہ ڏني، پوءِ بہ صاف صاف اسان سان بد سلوڪي بہ ڪري تڏهن بہ اسان کي وڏو حوصلو رکندي تعلقات برقرار رکڻ گهرجن، حضرت سيدنا اُبي بن ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي مديني جا سُلطان، رَحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عظيم الشان آهي: جنهن کي اهو پسند هجي تہ ان جي لاءِ (جنت ۾) محل بڻايو وڃي ۽ ان جا درجات بلند ڪيا وڃن، ان کي کپي تہ جيڪو ان تي ظلم ڪري هي ان کي معاف ڪري ۽ جيڪو ان کي محروم ڪري هي ان کي عطا ڪري، ۽ جيڪو ان سان قطع تعلق ڪري هي ان سان ناطو (يعني تعلق) جوڙي.

(المستدرڪ للحاڪم ج 3 ص 12 حديث 3215)

## دشمني لڪائڻ واري رشتيدار کي صدقو ڏيڻ افضل ترين آهي

بهرحال اسان سان ڪو سٺو سلوڪ ڪري يا نہ ڪري اسان کي حُسنِ سلوڪ جاري رکڻ گهرجي "مسند امام احمد" جي حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّ اَفْضَلَ الصَّدَقَةِ اَلصَّدَقَةُ عَلٰی ذِی الرَّحِمِ الْکَاشِحِ بيشڪ افضل ترين صدقو اهو آهي جيڪو دشمني لڪائڻ واري رشتيدار تي ڪيو وڃي.

(مسند امام احمد ج 9 ص 138 حديث 23589)

# رشتيدار ڪان جڏهن سخت ڏک پهتو

اميرُالمُؤمنين حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪي پنهنجي غريب ماسات ۽ نادار بدري صحابي حضرت سيدنا مِسطَح رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جنهن جو خرچ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪٽندا هئا، ان ڪان سخت رنج پهتو ۽ اهو هي تہ انهن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي پياري ڌيءَ يعني اُمُّ المُؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا تي تهمت (يعني بهتان) لڳائڻ وارن سان مُوافقت ڪئي هئي، انهيءَ ڪري پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ خرچ نہ ڏيڻ جو قسم ڪنيو، ان تي سيپاري 18سورةالنُّور جي آيت نمبر 22 نازل ٿي اها آيت شريف هي آهي:

وَلَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَ السَّعَةِ اَنْ يُّؤْتُوْۤا اُولِي الْقُرْبٰى وَ الْمَسٰكِيْنَ وَ الْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ وَ لْيَعْفُوْا وَ لْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ قسم نہ کڻن اهي جيڪي توهان مان فضيلت وارا ۽ گنجائش وارا آهن قرابت وارن ۽ مسڪينن ۽ الله جي راهہ ۾ هجرت ڪندڙن کي ڏيڻ جو، ۽ گهرجي تہ معاف ڪن ۽ درگذر ڪن ڇا توهان ان کي دوست نہ ٿا رکو تہ الله توهان جي بخشش ڪري ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

جڏهن هيءَ آيت سيد عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهي تہ حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ چيو: بيشڪ منهنجي آرزو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ۽ مان مِسطح (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ) سان جيڪو سلوڪ ڪندو هيس ان کي بہ ڪڏهن موقوف (يعني بند) نہ ڪندس، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ ان (مالي تعاون) کي جاري رکيو، هن آيت مان خبر پئي تہ

جيڪو شخص ڪنهن ڪم تي قسم ڪنيو پوءِ خبر پئي ته ان جو ڪرڻ بهتر آهي ته ان کي گهرجي ته ان ڪم کي ڪري ۽ قسم جو ڪفارو ڏي، صحيح حديث ۾ ائين بيان ٿيل آهي، وڌيڪ فرمائن ٿا: هن آيت مان حضرت سيدنا صديق اڪبر رضی اللہ تعالٰی عنہ جي فضيلت ثابت ٿي، هن مان سندن شان ۾ اعليٰ مرتبو ظاهر ٿئي ٿو جو الله تعاليٰ پاڻ (رضی اللہ تعالٰی عنہ) کي (آيت شريف ۾) اُولُوالفَضل (يعني فضيلت وارو ارشاد) فرمايو. (خزائن العرفان ص 563) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللهُ تعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بیاں ہو کس زباں سے مرتبہ صدّیقِ اکبر کا    ہے یارِ غار محبوبِ خدا صدّیقِ اکبر کا

مقامِ خوابِ راحت چَین سے آرام کرنے کو

بنا پہلوئے محبوبِ خدا صدّیقِ اکبر کا    (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينه تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

